
# ١١. دياوان دادا

ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



مکڻ کي ٿوري گرمائش ڏبي آهي تہ مکڻ رِجي پوندو آهي. سچا سنت ٻين جو ڏک درد ڏسي رِجي پوندا آهن. سندن دل ديا جو درياھ هوندي آهي. سندن من ۾ سنيھ ۽ سهانپوتيءَ جو ساگر ٿيندو آهي.
سچو سنت اُهو آهي جو پر پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي اُن کي دور ڪري.

دادا جشن واسواڻي ننڍپڻ کان ئي دياوان آهي. هوُ ٻال اوستا ۾ ئي ڪو فقير کو اَپاهج يا بڪايل ڏُکايل ڏسندو هو تہ پنهنجي کيسي جي خرچي اُن کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي ٻالڪ جشن ڪراچيءَ جي هڪ بازار مان لنگهي رهيو هو تہ سندس نظر رانديڪن جي هڪ دُڪان تي پيئي. هو دڪان اَندر گهڙي ويو. اُتي قسمين قسمين جا رانديڪا رکيل هئا. اُنهن رانديڪن ۾ هڪ ريل گاڏي بہ هئي. سندس دل هئي تہ هوُ اُها پٽن تي هلندڙ ريل گاڏي خريد ڪري. هُن دڪاندار کان ريل گاڏيءَ جو مُلھ پُڇيو. دڪاندار وراڻيو، ٻہ روپيا. اِهو جواب ٻُڌي ٻالڪ جشن سوچ ۾ پئجي ويو. تن ڏينهن ۾ ٻن روپين جو وڏو مُلھ هوندو هو. هر ٻار کي پائي، ٻہ پايون يا پئسو خرچي ملندي هئي. ٻالڪ جشن خيال ڪيو تہ روز هڪ پئسو گڏ ڪري اِها ريل گاڏي خريد ڪندس. ڪڏهن ڪڏهن هوُساڳئي دڪاندار کان وڃي پڇي ايندو هو تہ متان اُن ريل گاڏيءَ جو اگهہ گهٽ ٿيو هجي. دڪاندار کيس چوندو هو تہ، ’جڏهن تون ٻہ روپيہ ڪٺي ايندين، تڏهن ئي توکي اِها ريل گاڏي ڏيندس.‘

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ٻالڪ جشن جو مامو سندس گهر ۾ آيو ۽ ٻالڪ جشن کي پاپوهہ مان چانديءَ جا ٻہ روپيہ ڏنائين. ٻالڪ ٻہ روپيہ خرچي وٺي خوشيءَ ۾ نہ سمايو. هوُاُن وقت ئي رانديڪن جي اُن دڪان تان اُها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ نڪتو. جڏهن بازار ۾ آيو تہ هُن هڪ فقيرياڻي ڏٺي. جنهنجي هنج ۾ هڪ ڪمزور بيمار ٻار هو. هوءَ پڪاري رهي هئي درد ڀريئي آواز ۾، ’ڏاٽيءَ جي نالي هُن بيمار معصوُم جي دوا لاءِ هڪ روپيو دان ڏيو‘

فقيرياڻيءَ جي درد ڀري پُڪار جشن جي ڪَنن تي پيئي، ٻالڪ جو ڌيان اُن ڏانهن ويو. پر ڪيترن ڏينهن کانپوءِ ريل گاڏي خريد ڪرڻ جي تمنا کيس هڪدم رانديڪن جي دڪان تي ڇڪي ويئي.
هن دڪاندار کي چيو، ’اَڄ مان اُها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، مون کي اُها ريل ڪڍي ڏيو.‘
دڪاندار به ٻالڪ کي ڏسي خوش ٿيو. شيشي جي ڪٻٽ مان اُها ريل گاڏي ڪڍي، اُگهي، جئن ٻالڪ کي ڏئي ڏنائين، اُن وقت اُها فقيرياڻي اُتي اَچي دلسوز آواز ۾ هڪ روپئي جي دان لاءِ پڪارڻ لڳي.
دڪاندار کيس ڪاوڙجي هڪالڻ لڳو. ٻالڪ جشن جي دل ڀرجي آئي. هن هڪدم اُها ريل دڪاندار کي واپس ڪئي ۽ چانديءَ جا ٻه روپيه اُن فقيرياڻيءَ کي جهول ۾ وجهندي کيس چيو، ’هن معصوم کي جلد ڪنهن سُٺي ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏج. کيس ڪير به پيئارج.‘
فقيرياڻي دعائون ڪندي رمندي رهي. دڪاندار ٻالڪ جشن جو وهنوار ڏسي دنگ رهجي ويو ته کهڙو نه انوکو ٻار آهي! ٻالڪ جشن عجيب خوشي محسوس ڪئي.
ڪنهن جو ڪيو اَجايو ڪين ٿو وڃي. دکين، دردين ۽ درويشن جون دعائون اِنسان کي اوچ پدويءَ تي پهچائين ٿيون. ڪنهن به دکيءَ جي دل وٺڻ ثواب جو ڪم آهي.
اَڄ دادا جشن واسواڻي ساري سنسار ۾ شانتي، پريم ۽ ديا جو سنديش سُڻائي رهيو آهي. دادا جشن پهريون ڀارتيه آهي، جنهنکي آمريڪا ۾ ’يوٿانت‘ شانتي پُرسڪار سان سنمانت ڪيو ويو.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| سنيهه - سک | ثواب - پُڃ | پاپوهه - پيار | دُعا - آسيس |
| عنايت - مهرباني | سهانيوتي - همدردي | معصوم - اَبوجهه | دِلسوز - دکدائي |

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) سچو سنت ڪير آهي؟
٢) ٻالڪ جشن ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ ڪهڙي رِٿا رِٿي؟
٣) ٻالڪ جشن کي ڪنهن خرچي ڏني؟
٤) ٻالڪ فقيرياڻيءَ کي ٻه روپيه ڏيندي ڇا چيو؟
٥) دڪاندار ڇو دنگ رهجي ويو؟

**سوال ٢ : خال ڀريو :-**

١) سچا سنت ٻين جو دک درد ڏسي ...... وانگر رِجي پوندا آهن.
٢) رانديڪن ۾ هڪ ......... به هئي.
٣) فقيرياڻي ٻالڪ جشن کي ......... ڪندي رمندي رهي.
٤) دکين، دردين ۽ درويشن جون دعائون انسان کي ...... تي به پهچائين ٿيون.

**سوال ٣ : ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟**

١) ’ٻه روپيه‘.
٢) ’ڏٽيءَ جي نالي هن بيمار معصوم جي دوا لاءِ هڪ روپيه دان ڏيو.‘
٣) ’اَڄ مان اِها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.‘
٤) ’هن معصوم کي ڪنهن سني ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏج ۽ کيس ڪير به پيئارج.‘

**سوال ٤ : جنس بدلايو :-** فقير ............ ٻالڪ ............... دوست ........................ ماتا ............................

**هدايت :** ماستر شاگردن کي سيوا، همدرديءَ جي اَهميت سمجهائيندو.
**مشغولي :** شاگرد دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون بابت وڌيڪ ڄاڻ هٿ ڪري گهران لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**١) هيٺ سنڌي سماج جا مشهور سنڌي سنت ڏنل آهن. ڪنهن بہ ٻن سنتن جي ڄاڻ حاصل ڪري لِکو.**

(١) ساڌوُ ٽي. ايل. واسواڻي (٢) سوامي ٽيئنئورام (٣) سوامي شانتي پرڪاش (۴) سنت ڪنوررام
(۵) سائين سترامداس (٦) بابا هرداسرام (گودڙيءَ وارو) (٧) سوامي ترلوڪداس (٨) بابا آسوُدارام

### ٢. ماٿِ ۾ پڙهو





علم اِنسان جي ٽين اَک چئبي آهي، علم وارو ماڻهو هر هنڌ عزت پائي ٿو. ڊاڪٽر، اِنجنيئر، وڪيل ۽ جج علم سبب ئي پنهنجي پنهنجي کيتر ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. علم موجب جي عمل ڪبو تہ وڏيڪ سڦلتا حاصل ٿيندي. ڊاڪٽر آمبيڊڪر، سنت ونوبا ڀاوي، سوامي وويڪانند علم کي عمل ۾ آندو اِن ڪري سندن نالو اِتهاس ۾ اَمر ٿِي ويو.





### ٣. هيٺ ڏنل سنت سڃاڻو ۽ اُنهن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪريو.







## وندر جو وقت

### ٻُڌايو تہ ڪير؟

١. اُهو ڪير آهي، جنهنجو ريلوي وڀاڳ سان ڪو بہ واسطو نہ هوندي بہ هو سڄي ڀارت ۾ ريل رستي ڪٿي بہ مفت ۾ وڃي سگهي ٿو. (.................................................................)

٢. اُهو شڪتيشالي ماڻهو ڪير آهي، جيڪو هٿ جي اِشاري سان سڀني موٽر گاڏين کي بيهاري سگهي ٿو؟ (.................................................................)

٣. اُها ڪهڙي چيز آهي، جنهن کي توهان ڏنو ضرور هوندو پر اُن کي توهان جڏهن چاهيو، تڏهن ڏسي نٿا سگهو. (.................................................................)

۴. اُها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا توهان محسوس ڪري سگهو ٿا پر ڏسي نٿا سگهو. (...................................)

٢. طوطو يا ڪُتي جو ڳُلڙو لاءِ ڪلپنا ڪري ڪويتا يا پنج ڇهہ جُملا لِکو.